# نالۂ فراق

بر وفات اکمل الکاملین ، سلطان الواصلین
فخر سلسله نقشبندیه ، صاحب عرفان

## خواجه عبدالله جان

معروف به حضرت شاه آغا سرهندي
مجدّدی فاروقي قدس سرهٗ

## عبدالله اثر چاندیه

نظر ثاني

## علّامه عبدالوحید جان سرهندي

مُجدّدي نقشبندي

ٽنڊو سائينداد ـ ضلع حيدرآباد

# ناله فراق

به وفات اكمل الكاملين ، سلطان الواصلين
فخرِ سلسله نقشبنديه ، صاحبِ عرفان

## خواجه عبدالله جان

معروف به حضرت شاه آغا سرهندي
مجددي فاروقي قدس سره

## عبدالله اثر چانديه

نظمِ ثاني

## علامه عبدالوحيد جان سرهندي

مجددي نقشبندي

تنده سائينداد - ضلع حيدرآباد

بسم الله الرحمن الرحيم

# ناله- فراق

(١)

هاه صد حسرت! هي ڪهڙو رونما ٿيو انقلاب
هرطرف آ سوز و غم، رنج و الم ۽ اضطراب
ثابت و سيار آ، منهن تي ڍڪيو نيرو نقاب
چنڊ ٿـي بي‌نور ويو ۽ زرد ٿي ويـو آفتاب

اي ولـي‌الله ڪامـل تـو ڇـڏيو ميڙو متل
تون‌جدا ٿي وئين، ڪريا سرتي مصيبت جا جبل

(٢)

تو ڪئي دست- اجل کي، مرحبا اي نازنين
موت‌جولانگهو لنگهي، تون پارسان ٿئين همنشين
زندگي نئين سر تو ورتي، صاحب- علم و يقين
اڄ نگاهن کان ڦري، ٿيوآهين تون دل ۾ مڪين

نذر توکي اڄ دعائن جا ٿا گلدستہ ڏجن
حال جي دنيا ۾ ٿا احوال سربستہ ڏجن

(٣)

هر نفس تنهنجو زماني ۾ رهيو تي مشڪبار
تي مليو تو کان سدائين، بيقرارن کي قرار
ياد تنهن جي ۾ اچي، گڏ ٿيا سمورا دل فگار
بلبلا جئن باغ ۾ آيا، قطار اندر قطار

ڏيو فضا ۾ شور، ويو مقصد جو گل کوسائجي
عقل ڏيو مدهوش ۽ فطرت جي دل وئي گهائجي

(٤)

واه! ناڪامي جدا تي رهنما رهبروئين
معرفت جي ملڪ جا اي گل قبا گوهروئين
بزم- دنيا مان، ڪرم فرما ڪرم گستروئين
دين پرور، آبروء - شرع- پيغمبروئين

زندگي ۾ تو ڪيو بيمار ملت جو علاج
تون سدائين فيض و بخشش ۾ رهئين يزدان-مزاج

(٥)

حسن فاروقي ڪان ٿي چمڪي سدا تنهنجي جبين
تون مجدد الف ثاني جو رهئين مسند نشين
هر عمل تنهنجي ڪان ٿيو خوش رحمةللعالمين
گفتگو ۾ هو معاون، تنهنجو خود روح الامين

تنهن جي آڏو دائما قرآن جو دفتر رهيو
تنهنجو سينو، سورة- اخلاص جو مظهر رهيو

(٦)

اڄ بهار۔ جاودان تي آ، خزان جو اشتباه
اڄ ته اونده جو سهارو تا وٺن خود مهرو ماه
اڄ بدن ساڙي رهي آ، آتش۔ قلب و نگاه
ڏس ته ڪيئن ماتم ڪده ٿي آه تنهنجي بارگاه

تنهنجا عاشق زار، فرقت ۾ رئن ٿا رت ڦڙا
تنجي آهن ڪان پيا، لرزش ۾ هي ارض وسما

(٧)

تو ڪيو فيض۔ نظرسان، زندگي کي حق شناس
علم کي پهرايو تو ئي، حلم جو سهڻو لباس
تو توجه سان سڌاريا، حرص۔ دنيا جا حواس
ضرب۔ الاالله هئي، تبليغ تنهنجي جو اساس

حق پرستي جو سبق آ، تنهنجي هر تحرير ۾
ٿي مسلي ليلاء۔ معنيٰ، محمل۔ تقرير ۾

(٨)

خالق۔ اڪبر سان توکي، هر طرح الفت رهي
تنهنجي حصه ۾، ذبيح الله جي قربت رهي
توکان زنده، مصطفيٰ مختار جي سنت رهي
حضرت۔ شبير سان، توکي گهڻي نسبت رهي

تنهنڪري مرد۔خدا توکي شهادت ٿي نصيب
راه۔ حق ۾ تا دم۔ آخر عبادت ٿي نصيب

(٩)

اي رسول۔ عشق و مستي، سر گروه۔ اوليا
حامد۔ حق، حجةالاسلام، برهان۔ خدا
هو قلم تنهنجي سان شامل، رب جو دارالقضا
ڪين خالي ٿي وريو، تنهنجو ڪڏهن دست۔ دعا

تنهنجي فرقت آ منجهائيو، هر گل و گلفام کي
تون غمن سان گڏ ڪري وئين، عالم۔ اسلام کي

(١٠)

جت خرد جي پرورش ٿي، سي ٿو ميخانه ڏنا
روح جي پيالن کي ٿو لبريز پيمانه ڏنا
صدق وارن کي سڏي، رحمت جا پروانه ڏنا
هر تعين ويا ٿيي، اهڙا ٿو مستانه ڏنا

پير ڪامل باصفا، چوڏهين صدي جا ارجمند
منتظر ٿو لاءِ هو، جنت ۾ خواجه۔ نقشبند

(١١)

موت کان آزاد آهي، تنهنجو فيض۔ روزگار
پنهنجو حصو ٿو ملي، هر ڪنهن کي اڄ بي آشڪار
هجر تنهنجي، وصل جي دنيا سان آهي هر ڪنار
تو تصور تنهنجو لاهي، ديده و دل جا غبار

تنهنجي شمع۔ جسم آ، فانوس۔ مرقد مان عيان
ٿو سدا رنگ۔ شفق، دهرائي تنهنجو داستان

(١٢)

نقطهء اسرار- حق تي، هئي سدا تنهنجي نظر
برزخ- قوسين تائين، تو ڪيو سهڻا سفر
تي وڻي تنهنجي قدم سان، خاڪ جنس- معتبر
هر گدا ڪي ڏيو عطا، تو ڪان ڪلاه- سيم و زر
حرص تنهنجي دل ۾ هو ڏين- خدا جو صبح و شام
علم تنهنجي گفتگو ڪان، ڏيو فضا ۾ خوش خرام

(١٣)

ابر گوهر بار ڪان ٿيا، حسن و رعنائي تلف
ڪن ٿا ماتم ساقي و ساغر ۽ مينا صف بصف
عاشقان، دين احمد ٿا پڪارن هر طرف
ڪير ڏيندو مئي مدينه جي ۽ صهباء- نجف
تنهنجي مستن جي سڄي محفل پريشان ٿي وئي
قلب مضطر ٿي ويو ۽ چشم گريان ٿي وئي

(١٤)

وصل تنهنجي جا مبارڪ ڏينهن ۽ راتيون ڪٿي
شيخ ماندا (١) جا اهي نغما ڪٿي، لاتيون ڪٿي
اڄ تنديءَ واريون ملن ٿيون، بره جون بانيون ڪٿي
جن تي ٿي ورديو قنب ڪي، سي قرب جون ڪاتيون ڪٿي
سا نظر ڪٿ جا بنائيندي رهي جو هر شناس
عيبدارن کي عطا ٿيو، جنهن ڪان تقويٰ جو لباس

---

(١) حضرت صاحب جن گرمين جا ڏينهن شيخ ماندا، ڪوٺيتا ۾ گذاريندا هوا.

(۱۵)

تو ڪيو زنده نفس سان، آدميت جو چراغ
تو رکيو بازار- آب و گل ۾ حڪمت جو چراغ
تو ڪان روشن آ زمانه ۾ طريقت جو چراغ
جهل جي صحرا ۾ تو ٻاريو شريعت جو چراغ
فڪر جي دنيا ۾ توئي اعتدال آڻي ڇڏيو
ذهن جي پهلو ۾ بدعت جو زوال آڻي ڇڏيو

(۱۶)

حق ادا مونکان نه ٿيندو حضرتا! تعريف جو
ديد مُنهنجي ڪان مٿاهون آ، علم توصيف جو
صحن- دل تي رک سگهو سائين قدم تشريف جو
ڇا بيان- غم ڪيان، مان هجر جي تڪليف جو
دل جي دانهن ڪان، دهن ۾ پيو ٽٽي در- سخن
محو- حيرت حال منهنجي تي ٿي ساري انجمن

(۱۷)

رب جي رحمت وسي ٿي، توتي ڇورن جا ڇپر
عاجزن تي ڪرعطا، تون لطف و احسان جي نظر
ڪر نه تون دل جي زمين کان دور، قربن جا ڪکر
جي سلا سڪ تنهنجي ۾ ايريا، دعا سان سبزڪر
دل جي گهراين سان حضرت تُو پڙهان توتي سلام
توکي مي پرتل هجي، پنهنجي غلامن جو غلام

(۱۸)

تنهنجي شام- غم جي آڏو صبح خندان ڪجھ نہ آ
تون اگر ناهين تہ هي رنگ- شبستان ڪجھ نہ آ
تنهنجي چشم- نازيءَ، بزم- چراغان ڪجھ نہ آ
ديد تنهنجي کانسوا، دردن جو درمان ڪجھ نہ آ
هي جدا آهي تہ تنهنجو جا نشين احسان ڪري
هڪ نظر سان خار و خس کي، سنبل و ريحان ڪري

(۱۹)

ٿــي هجوم- رحمت- بــاري ﷺ تنهنجي مرحبا
ٿــا ٿين قربــان توتان، بزم- وحــدت جا مزا
ذات تنهنجي تي ڪري ٿي، فخرجنت جي فضا
در ٻڌي تاريخ، مونکي غيب کان آئي ندا
ماه ميلادالنبي ﷺ، ويو ڀڏي رخت- سفر
پاڪ باطن شاه آغا، ســال رحلت ڏيو اثر

۱۳۹۳ هجري

(۲۰)

يــا الاهــي! مصــطفي سردار سرور جي طفيل
صاحب- صدق و صفا، صديق اڪبر جي طفيل
حضرت- فــاروق ؓ عثمان و حيدر جي طفيل
ســيــده خيرالنسا ؓ آل اطــهــر جي طفيل
پير ڪامل شاه آغا سان سدا نسبت رهي
هــر مريد و معتقد تي، سايہ- رحمت رهي

۱۰- اپريل ۱۹۷۳ع

۱۳۸۶ھ

# صدمۂ جانکاہ

پیر حضرت شاہ آغا آن کہ عبداللہ بود
در مجالس گفتۂ او گفتۂ اللہ بود

(۱)

ماسوی اللہ رانداده جاء در پہناء دل
جان فداءِ مصطفیٰ و عاشقِ اللہ بود

(۲)

صاحبِ دل، مہدیِ دوران و قیومِ زمان
قاطعِ کفر و ضلالت، رہبرِ گمراہ بود

(۳)

داشت در دل جذبۂ توحید و فرمانِ رسول
داغ سجدہ برجبینش، مثل مہر و ماہ بود

(۴)

بود فاروق و مجدد را مجسم یادگار
مسند آراءِ فضیلت، جان عز و جاہ بود

(۵)

قوتِ احیاء دین دریافت از قلب و نگاہ
شد فنا فی اللہ، درملکِ شریعت شاہ بود

(۶)

از و فاتش ماتم اندر عالمِ اسلام شد
مرگِ عالم مرگ عالم، تا ثریا آہ بود

(۷)

مہربان چون رحمت۔ حق بود والد معنوي
اي ودا عش بر مريدان، صدمہ۔ جانکاه بود

(۸)

رفت در فردوس زان راهیکہ شبیرے گذشت
گوهر۔ صدق و صفا، حسن۔ شهادت گاه بود

(۹)

از نظر رفت و بدل شد جلوه گرچون نور ذات
هر طرح پیوست باحق، زانکہ حق آگاه بود

(۱۰)

گفت تاريخ۔ و صالش ملهم۔ غیب اي "اثر"
تاج برسر کامران، کامل ولي‌الله بود

۱۳۹۳ھ

۱۱۔ ربیع‌الاول ۱۳۹۳ھ — ۱۴۔ اپریل ۱۹۷۳ع

نوشتہ شد

عبدالله "اثر"

حضرت شاه آغا سرهندي قدس سره جي تاريخ وفات تي جناب والد صاحب جا چند فارسي اشعار پيش ڪجن ٿا، جن جي هرمصرعه مان وفات جو سن نڪري ٿو. فارسي جي استاد شاعرن ان صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. مولانا قدسي تخت طائوس جي تاريخ ان صنعت ۾ لکي هئي. ان بعد مختلف قطعات تاريخ وفات ڏنل آهن-

## قطعات

ولادت:
٨- جمادي الاول ٥ ١٣٠هه
٢٢- جنوري ١٨٨٧ع

وفات:
٣- ربيع الاول ١٣٩٣هه
٧- اپريل ١٩٧٣ع

(١)

واصل- حق الامين روشن ضمير
١٩٧٣ع
سرفراز از نور- عرفان مستنير
١٩٧٣ع

(٢)

لاله رخ فياض عبدالله جان
١٩٧٣ع
شاه آغا ڪامل- جنت مڪان
١٩٧٣ع

(۳)

پیر و مرشد قبضہ۔ مابین را

۱۹۷۳ع

استعارہ برزخ۔ قوسین را

۱۹۷۳ع

(۴)

صاحب الترتیب صامت ارجمند

۱۳۹۳ھ

کوکب۔ جدت، خلف اقبال مند

۱۳۹۳ھ

(۵)

از ادب دریافت آن روشن نگاہ

۱۳۹۳ھ

دلبر۔ سرہند، عرش آرامگاہ

۱۳۹۳ھ

(۶)

فیض ایشان، باطنا زندہ بود

۱۳۹۳ھ

جودت۔ ارشاد، تابندہ بود

۱۳۹۳ھ

۲۰- اپریل ۱۹۷۳ع

(١)

فقيه و محـدث حكيم و اديب
چون رفت از جهان سوء دارالبقا
اثر سال رحلت بہ جست از فلک
غروب مـہ علم، آمـد نـدا
١٣٩٣هـ

(٢)

كيو جنهن گفته خيرالبشر هردم
رسيو فردوس ۾ سو رهبر اعظم
اثر هاتف ٻڌايو سال رحلت جو
ويـو قطب المشائخ قبـلہ ـ عالم
١٣٩٣هـ

(٣)

هـي قيوم زمـان، معصوم ثاني
ٿـيو جنت ۾ ساڪن شـاه آغا
ٻـڌايا وصل جـا ٻئي سال هاتف
عتـيـق و پاڪ بـاطن شاه آغا
٥٨٠ + ١٣٩٣هـ ـ ١٩٧٣ع

ڊ ١ ـ اپريل ١٩٧٣ع

# قطعات

## تاريخ رسم دستاربندي الحاج خواجه غلام علي جان سرهندي

(١)

مسند آراء- فضيلت ٿي ويو
ابن حضرت شاه آغا محترم
ٿا لکن تاريخ، تاريخ- و قوع
١٣٩٣ھ
اي اثر همراز ٿي لوح و قلم

(٢)

ٿيو جلوه افروز حق آشنا
ٿي روشن زمين ۽ معطر فضا
مليو سال دستاربندي اثر
غلام- علي جان کان- وفا
١٣٩٣ھ

(٣)

ٿي ڏهين جون، اٺين ماه جمادي الاول
ڏينهن آچرجو، وڳا صبح جا ٻارهن ٻارو
نوبت- فضل خدا، گنج فضيلت، تاريخ
١٣٩٣ھ ١٩٧٣ع
پڳ ٻڌائڻ ٿا اچن، پير کي ٻارهن ٻارو

٧- جون ١٩٧٣ع

